هفتيوار رسالو

# فيضانِ امام جلال الدّين سُيُوطي شافعي رحمۃ اللہ علیہ

(سنڌي)



- مصر کان مڪي شريف 27 قدم ۾
- مجذُوب بزرگ جي دُعا
- "شيخ الحديث" جو لقب ڪيئن ۽ ڪنهن کان مليو؟
- ڪير پنهنجي منهن کان پنهنجي تعريف ڪري سگهي ٿو؟

پيشڪش
المدينة العلمية (دعوتِ اسلامي)
Islamic Research Center

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص۴٠ دار الفکربيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: فيضانِ امام جلال الدّين سيُوطي شافعي رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اگتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# فيضان امام جَلالُ الدّين سُيُوطي شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه

**پيشڪش**

**المدينة العلميه(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)**

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضانِ امام جَلالُ الدّين سُيُوطي شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

**دعاءِعطار:** ياربّ المصطفٰي! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”**فيضانِ** امام **جَلالُ الدّين سُيُوطي** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي بُزرگانِ دين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جي سيرت جي مطابق زندگي گذارڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ اُن کي والدين سميت بي حساب جنت الفردوس ۾ داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: قيامت جي ڏينهن ماڻهن ۾ سڀني کان وڌيڪ منهنجي ويجهو اهو شخص هوندو جيڪو سڀني کان وڌيڪ مون تي درود شريف پڙهندو هوندو. (ترمذی، 27/2،حديث:484)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مصر کان مڪي 27 قدم ۾

حضرت علامہ جلالُ الدين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا هڪ خاص خادم حضرت محمد بن علي حباڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ مصر ۾ هڪ ڀيرو قيلولہ جي وقت(منجهند جو سمهڻ کي قيلولہ چئبو آهي) امام سيوطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مون کي فرمايو: جيڪڏهن منهنجي وصال کان اڳ ۾ تون منهنجو راز ظاهر نہ ڪرين تہ اڄ عصر جي نماز مڪي شريف ۾ پڙهڻ جو اِرادو آهي. مون عرض ڪيو: صحيح آهي (يعني مان راز ظاهر نہ ڪندس). پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه منهنجو هٿ پڪڙي

فرمايو: اکيون بند ڪيو! مون اکيون بند ڪيون تہ سندن منهنجو هٿ پڪڙي ڪري تقريباً 27 قدم هليا، پوءِ فرمايائون: هاڻي اکيون کوليو! مون اکيون کوليون تہ اسان مڪي شريف ۾جنّتِ مُعَلّٰي جي دروازي تي هئاسين، اسان اُتي حضرت بيبي خديجة الكبرىٰ رضی الله عنها حضرت فضيل بن عياض ۽ حضرت امام سُفيان بن عُيينہ رحمۃُ اللہ علیهما جي مبارڪ مزارن جي زيارت ڪئي پوءِ حرم پاڪ ۾ داخل ٿياسين، طواف ڪيو، زم زم شريف پيتو ۽ مقامِ ابراهيم جي پويان ويهي رهياسون ايستائين جو اسان عصر جي نماز پڙهي، پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کي فرمايو: حيران نہ ٿيو، اسان جي لاءِ زمين سُوڙهي ڪئي وئي آهي. پوءِ فرمايائون: جيڪڏهن چاهيو تہ مون سان گڏ واپس هلو، نہ تہ حاجين سان گڏجي اچجو، مون عرض ڪيو: حضور مان اوهان سان ئي گڏ هلندس، پوءِ اسان جنّتِ مُعَلّٰي جي دروازي تائين آياسون، پاڻ رحمۃ اللہ علیه مون کي فرمايائون: اکيون بند ڪيو. مون پنهنجون اکيون بند ڪيون تہ هُو مون کي ست قدم وٺي تيز هليا ۽ فرمايائون: هاڻي اکيون کُوليو! مون اکيون کوليون تہ اسان مصر ۾ واپس اچي چڪا هئاسين.

(الكواكب السائره، 229/1ملخصاًـ شذرات الذهب ، 10 / 77)

الله ربّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صلَّى الله عليهِ واٰلهٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ولادتِ باسعادت

دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ اسلامي ڪتاب لکڻ وارن عالمن سڳورن

مان نائين صديءَ جا مُجَدِّد، حافظُ الحديث، شيخُ الاسلام حضرت علامہ امام جلال الدّين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ آهن، جن دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ اسلامي ڪتاب لکيا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 849 هجريءَ ۾ نمازِ مغرب کان پوءِ مصر جي گاديءَ واري شهر قاهره ۾ پيدا ٿيا. امام سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي "ابن الڪتب" (يعني ڪتابن جو پٽ) بہ سڏيو ويندو آهي. ان جو واقعو نهايت دلچسپ آهي. اهو ائين آهي تہ سندن والده محترم حمل(پيٽ) سان هئي تہ هڪ ڏينهن سندن والد صاحب سندن ماءُ کي پنهنجي لائبريري مان ڪو ڪتاب ڪڍي اچڻ لاءِ چيو. جڏهن هوءَ ڪتاب ڪڍڻ لاءِ وئي تہ انهيءَ جاءِ تي کين ولادت جو سور شروع ٿي ويو ۽ امام جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادت ڪتابن جي وچ ۾ ٿي وئي. (النور السافر، ص90).

(بخارى، 233/4، حديث: 6446)

## تعارف ۽ لقب

سندن نالو "عبدالرحمٰن" ۽ مشهور لقب: جلالُ الدين آهي جيڪو والدِ محترم جي طرفان عطا ٿيو هو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي نالي کان وڌيڪ لقب سان مشهو آهن، سندن ڪنيت "اَبو الفضل" آهي، هڪ ڀيري امام جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي شيخ، قاضي القضاة عزّالدين احمد بن ابراهيم ڪِناني حنبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا تہ شيخ صاحب پڇيو: اوهان جي ڪنيت ڇا آهي؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عرض ڪيو: منهنجي ڪا ڪنيت ناهي. ان تي شيخ صاحب فرمايو: توهان جي ڪنيت "ابو الفضل" آهي، ۽ پنهنجي هٿ سان لکي ڪري ڪنيت عطا فرمائي ڇڏي. ڪروڙين شافعين جي امام، محمد بن ادريس شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مقلد هجڻ جي ڪري کيس "شافعي" چيو ويندو آهي. ( النور السافر ، ص90)

## خانداني شهرءِ والدين جو تعارف

امام جلالُ الدّين سيوطي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جا ابا ڏاڏا "اُسَيُوط" نالي شهر ۾ رهندا هئا، اُنهيءَ ڪري ڪيس"سُيُوطي" يا "اُسَيُوطي" سڏيو ويندو آهي. پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي هن شهر جي تاريخ تي "اَلۡمَضۡبُوطفِي اَخۡبَارِ السُّيُوط" نالي هڪ ڪتاب بہ لکيو آهي. امام جلال الدين سيوطي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جا ڏاڏا بہ تمام وڏا وليُ الله هئا، سندن مزار مصر جي شهر اُسَيوط ۾ آهي، ماڻهو اُتي حاضري ڏيندا ۽ برڪتون حاصل ڪندا آهن. سندن ابا ڏاڏا شهر جي عزت دار ماڻهن مان هئا، ڪجھ واپاري ۽ وڏا مالدار هئا، انهن اُسَيوط ۾ هڪ مدرسو نهرائي ان لاءِ ڪيتريون ئي زمينون وقف ڪيون، پر علمِ دين جي وڏي خدمت سندن والدِ محترم جي حصي ۾ آئي. ( الامام الحافظ جلال الدين سيوطی وجهوده فی الحديث وعلومہ ، ص74 ـحسن المحاضرة ، 1 / 288 ، التحدث بنعمة اللّٰه ، ص7 )

## والدِ محترم جي شان و شوڪت

امام جلال الدين سيوطي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جا والد محترم روزانو قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندا هئا، ايتري تائين جو هر جمعي تي قرآن شريف ختم ڪندا هئا. سندن شيخونيہ مدرسي ۾ فقہ جا استاد هئا، جامع ابن طُولُون ۾ خطيب ۽ عباسي خليفي جي مسجد جا امام هئا، هو سندن وڏو ادب ۽ احترام ڪندو هو. هڪ ڀيري بادشاھ خليفي جي ذريعي ڪائنس مصر جو مفتي ٿيڻ جي درخواست ڪئي تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان ڪان معذرت ڪري ڇڏي. جڏهن حضرت علامہ امام جلال الدين سيوطي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنجن سالن جا هئا تہ سندن والد محترم جو 5 صفر 855 هجري تي سومر جي رات عشاء جي اَذان جي وقت انتقال ٿيو. والد محترم ڪجھ ڏينهن ذاتُ الۡجَنۡب (جنهن کي اردو ۾ "نمونيا" سڏيو ويندو آهي. حديث شريف ۾ آهي: ذاتُ الجَنۡب جي بيماري ۾ فوت ٿيڻ وارو شهيد آهي. (مجمع الزوائد، 3/ 55، حديث: 3880) جي بيماري ۾ مبتلا رهيا ۽ ان

بيماري ۾ ئي کين شهادت ملي. انتقال کان پوءِ والد محترم حضرت سيدنا ابو بکر کمال الدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي خواب ۾ ڏسڻ واري چيو: الله پاڪ دنيا ۾ اوهان تي تنگي ان ڪري ڪئي تہ آخرت ۾ اوهان تي وسعت فرمائي. والدِ محترم فرمايو: ائين ئي ٿيو آهي. (بغيۃالوعاۃ ، 1/ 472 ـ التحدث بنعمۃ الله ، ص11ـ حسن المحاضرۃ ، 1 / 370)

الله ربُّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## والدين جي نيڪي جو اولاد تي اثر:

جيئن والدين جي نيڪ صورت هجڻ جو اولاد ۾ اثر ظاهر ٿيندو آهي، ايئن ئي والدين جي نيڪ سيرت (يعني نيڪ هجڻ) جو اثر بہ اولاد تي ضرور پوندو آهي. جيڪڏهن والدين نيڪ، پرهيزگار، باعمل عالم ۽ اسلام جا مفتي هجن تہ سعادت مند اولاد بہ انهن جي نقشِ قدم تي هلندو ۽ دينِ اسلام جي خدمت ڪندو آهي. امام جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيرت مان بہ اهو ئي سبق ملي ٿو. سندن والدِ محترم جي واقعن ۾ انهن ماٽهن جي لاءِ بہ درس آهي جيڪي پنهنجي اولاد کي راهِ سنت تي هلندي ڏسڻ چاهين ٿا. جيڪڏهن اهي پاڻ نيڪ نمازي ۽ سنتن جا پيڪر بڻجن ۽ پنهنجي اولاد کي قرآن ۽ سنت جي تعليم ڏيارين، پنهنجي اولاد کي حافظ قرآن ۽ عالم دين بڻائين تہ پوءِ ڏسو الله پاڪ جي رحمت سان ڪيئن اولاد پوڙهاپ جو سهارو ۽ دنيا مان وڃڻ کان بعد عزت جو سبب بڻجي ٿو. ان شاء الله.

## مجذوب بزرگ جي دعا:

پنهنجي اولاد کي بزرگن جي برڪتن ۽ انهن جي مزارن جي فيض بابت ٻہ ٻڌايو، بلڪ وقت بوقت انهن جي بارگاهن ۾ وٺي وڃو، چاڪاڻ تہ جيڪڏهن الله وارن جي نگاهِ ڪرم ٿي وئي ۽ انهن جون دعائون ملي ويون تہ اولاد جي زندگي سنورجي ويندي. امام جلال الدين سيوطي رَحۡمَةُ الله عَلَيۡه فرمائن ٿا: منهنجا والد محترم مون کي ننڍپڻ کان عالمن ۽ مشائخن (رَحۡمَةُ الله عَلَيۡهِم) جي بارگاهن ۾ وٺي ويندا هئا. ٽن سالن جي عمر ۾ امام ابن حجر رَحۡمَةُ الله عَلَيۡهِم جي خدمت ۾ وٺي ويا ۽ پوءِ هڪ ٻئي ولي الله حضرت شيخ محمد رَحۡمَةُ الله عَلَيۡه جي خدمت ۾ وٺي ويا، جن منهنجي لاءِ برڪت جي دعا ڪئي.

(حسن المحاضره، 288/1؛ النور السافر، 91/1).

## ابتدائي حالتون ۽ تعليم ۽ تربيت:

حضرت علامہ جلال الدين سيوطي رَحۡمَةُ الله عَلَيۡه جي والدِ محترم پنهنجي وفات کان پهريان ڪيئي ماڻهن کي پنهنجي پٽ جي پرورش وغيره جي لاءِ وصيتون ڪيون هيون. پوءِ بعد ۾ شيخ ڪمال الدين بن همّام حنفي رَحۡمَةُ الله عَلَيۡه "مدرسہ شيخونيہ" مان پاڻ رَحۡمَةُ الله عَلَيۡه لاءِ وظيفو(پگهار) جاري ڪرايو ۽ پنهنجي نگرانيءَ ۾ سندن تعليم ۽ تربيت تي خاص ڌيان ڏنو. پاڻ رَحۡمَةُ الله عَلَيۡه علمِ حديث پنهنجي دور جي وڏن محدثن کان پڙهيو. (شذرات الذهب، ص75)

## علمي سفر ۽ ڪمالات:

امام جلال الدين سيوطي رَحۡمَةُ الله عَلَيۡه جو حافظو تمام گهڻو مضبوط هو. سندن عمر اڃا اٺ سال مڪمل نہ ٿي هئي تہ قرآن پاڪ حفظ ڪري ورتو پوءِ ننڍڙي عمر ۾ ئي عربيءَ جا وڏا وڏا ڪتاب

جهڙوڪ "عمدة الاحكام"، "المنهاج للنووي"، "الفية ابن مالڪ" ۽ "منهاج البيضاوي" زباني ياد ڪري ورتا. سندن حضرت علامہ شيخ شهاب الدين شارمساحي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه کان وراثت جو علم حاصل ڪيو. پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه علم ۽ فنون ۽ فقہ ۾ ايتري مهارت حاصل ڪئي جو 27 سالن جي عمر ۾ ئي کين تدريس ۽ فتويٰ ڏيڻ جي اجازت ملي وئي. امام جلال الدين سيوطي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه علمِ دين حاصل ڪرڻ لاءِ ملڪ شام، حجاز مقدس (عرب شريف)، يمن، هند ۽ مغربي ملڪن جو سفر ڪيو. پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه شيخ جلال الدين محلي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي خدمت ۾ هڪ سال تائين هفتي ۾ ٻہ ڀيرا حاضري ڏيندا رهيا ۽ سندن وفات کان پوءِ انهن جي تفسير جيڪا نامڪمل هئي ان کي مڪمل ڪيو، جيڪا "تفسير جلالين" جي نالي سان مشهور ٿي. (الكواكب السائره،ص228، 229۔ الامام الحافظ جلال الدين سيوطى وجهوده فى الحديث وعلومه ، ص117 ۔حسن المحاضرة،ص290)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اُستاد جو اعتماد

امام جلال الدين سيوطي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون پنهنجي استاد صاحب کان هڪ روايت جي حوالي جي باري ۾ عرض ڪيو. استاد صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ جنهن ڪتاب جو حوالو ڏنو هو، اها روايت ان ڪتاب ۾ نہ هئي بلڪ ٻي ڪتاب ۾ موجود هئي. مون جيئن ئي استاد صاحب کي ان جي متعلق عرض ڪيو، استاد صاحب ڪتاب کي ڏسڻ بنا صرف منهنجي چوڻ تي پنهنجي ڪتاب ۾ انهيءَ جڳهہ تي حاشيو لڳائي ڇڏيو، جنهن سان منهنجي دل ۾ پنهنجي استاد جي عزت اڃا بہ وڌي وئي، مون پنهنجو پاڻ کي گهٽ سمجهندي عرض ڪيو: اوهان تحقيق لاءِ ٿورو انتظار ڪري بہ سگهو پيا. (حسن المحاضره، 289/1 ماخوذاً)

هن واقعي مان جتي استاد جي عاجزي ۽ انڪساري جو اظهار ٿئي ٿو، اتي ئي ذهين شاگردن جي حوصلہ افزائي ۽ دلجوئي ڪرڻ جو سبق بہ ملي ٿو. استاد صاحب جي ان عمل سان شاگرد جي دل ۾ سندن مقام ۽ مرتبو وڌيڪ وڌي ويو، پڻ هيءَ ڳالهہ بہ قابلِ غور آهي تہ استاد ٿيڻ ڪان پوءِ بہ پنهنجي اصلاح جو دروازو بند نہ ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن صحيح ڳالهہ شاگرد بہ ٻڌائي تہ ان ڪي قبول ڪرڻ ۾ شرمائڻ نہ گهرجي. عاجزي ڪرڻ سان عزت گهٽبي ناهي، بلڪ وڌندي آهي. جيئن هن واقعي ۾ امام جلال الدين سيوطي رَحۡمَةُاللہِ عَلَیۡہ پاڻ ارشاد فرمايو تہ استاد صاحب جي ان عمل سان منهنجي دل ۾ پنهنجي استاد صاحب جي عزت اڃا بہ وڌي وئي.

مِٹادے اپنی ہستی کو اگر کچھ مرتبہ چاہے　　کہ دانہ خاک میں مل کر گلِ گُلزار ہوتا ہے

## بيعت ۽ اِرادت

صحيح العقيده، جامع شرائط پير جو مريد ٿيڻ صدين ڪان مسلمانن جو طريقو رهيو آهي، جو تہ روحاني برڪتون اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُاللہِ عَلَیۡہِم جي فيضان سان حاصل ٿينديون آهن. اڄ ڪان تقريباً ساڍا پنج سؤ سال پهريان جي بزرگ حضرت امام جلال الدين سيوطي رَحۡمَةُاللہِ عَلَیۡہ بہ شاذليہ سلسلي ۾ محمد بن عمر شاذلي رَحۡمَةُاللہِ عَلَیۡہ ڪان بيعت ڪئي.

(الامام الحافظ جلال الدين سيوطي وجهوده في الحديث وعلومه، ص120)

## تقويٰ ۽ پرهيزگاري

پاڻ رَحۡمَةُاللہِ عَلَیۡہ علمي ڪمالات سان گڏوگڏ تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۾ بہ وڏو مقام رکندا هئا. اللّٰہ پاڪ جي ياد ۾ گهڻو گم رهندا هئا، ۽ نمازِ تهجد باقاعدگي سان ادا ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪڏهن تهجد جي نماز رهجي ويندي هئي تہ ايترا پريشان ٿي ويندا هئا جو بيمار ٿي

پوندا هئا. (سایہ عرش کس کس کو ملے گا؟، ص14)

سُبۡحٰنَ الله! امام جلال الدين سيوطي رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي تهجد رهجي ويندي هئي تہ ان جي غم ۾ پريشان ٿي ويندا هئا، ڪاش! انهن جي صدقي سان اسان کي بہ فرض نماز سان گڏوگڏ نفل نماز جو شوق نصيب ٿئي ۽ اسان کان ڪڏهن تهجد بہ نہ رهجي.

## سُنتن کي زنده ڪيو

الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني محمد عربي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سُنتن تي هلڻ هر مسلمان جي لاءِ تمام گهڻي سعادت جي ڳالهہ آهي. اسان جي بُزرگانِ دين سُنّتن تي عمل ڪري ان جي ترغيب ارشاد فرمائي آهي. حضرت علامہ جلال الدين سيوطي رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہ اهڙا عمل ڪرڻ وارا هئا جو پاڻ اُنهن سُنتن کي بہ اپنائيندا هئا جن تي عمل ڪرڻ ماڻهن ڇڏي ڏنو هو. پاڻ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہ طَيالسہ(يعني مٿو ۽ ڪنڌ ڍڪڻ واري چادر) ويڙهڻ جي سُنت کي زنده ڪيو ۽ پوءِ اُن موضوع تي باقاعده هڪ ڪتاب ”اَلۡاَحَادِيۡثُ الۡحِسَان فِيۡ فَضۡلِ الطَّيۡلَسَان“ لکي ۽ پنهنجي شاگردن کي هن سُنت تي عمل ڪرڻ جي ترغيب ارشاد فرمائي.
(الامام الحافظ جلال الدين سيوطی وجهوده فی الحديث وعلومه ، ص87)

لکين سلام هجن اهڙي امام ۽ استاد تي جيڪو پاڻ بہ سُنّتِ مصطفيٰ تي عمل ڪرڻ جو جذبو رکندو هجي ۽ پنهنجي شاگردن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريندو هجي. ڪاش! اسان کي امير اهل سُنت جي هن دعا مان خوب حصو نصيب ٿئي.

سنّت کے مطابِق میں ہر اک کام کروں کاش
تُو پیکرِ سنّت مجھے اللہ! بنادے
(وسائلِ بخشش،ص118)

## ٻہ لک حديثن جا حافظ

حضرت امام جلال الدين سيوطي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون کي ٻہ لک حديثون زباني ياد آهن، جيڪڏهن مون کي ان کان وڌيڪ حديثون ملن ها تہ مان اُهي بہ ياد ڪري وٺان ها. جڏهن مان حج لاءِ حاضر ٿيس تہ زم زم شريف پيئي هي دعا گهري: ”الٰهي! مون کي فقہ(يعني ديني احڪام) ۾ سراجُ الدّين بلقيني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو ۽ حديث ۾ امام ابن حَجر عسقلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو مرتبو حاصل ٿي وڃي.“ هن دعا جي قبوليت جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳايو تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه خود فرمائن ٿا: (الحمدللّٰه!) مون کي ستن علمن ۾ مڪمل مهارت عطا ٿي: (1) تفسير (2) حديث (3) فقہ (4) نحو (5) معاني (6) بيان (7) بديع (حسن المحاضرة، 290/1)

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن عقيدو مضبوط(يعني پڪو يقين) هجي تہ بيشڪ زم زم پيئڻ کان پوءِ جيڪا دعا گهري وڃي، قبول ٿيندي آهي، ۽ دعا قبول بہ ڇونہ ٿئي جو رسولِ پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: زم زم جنهن (مراد) لاءِ پيتو وڃي اهو انهيءَ لاءِ آهي. (ابن ماجه، 490/3، حديث: 3062)

## فنِ حديث ۾ مهارت

حضرت ابو الفضل امام عبدالرحمٰن بن ابوبڪر سُيُوطي شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه علمِ حديث جي فن ۾ خاص مهارت رکندا هئا، جنهن تي سندن ڪتاب شاهد آهن. هڪ دفعي حضرت تقي الدين اوجاقي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه امتحان وٺڻ لاءِ راوين ۾ ردّوبَدَل ڪري ڪجهہ حديثون امام جلال الدين سيوطي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه وٽ موڪليون تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه انهن حديثن کي انهن جي اصول ۽ مرتبن سان گڏ بيان ڪري واپس موڪليو تہ حضرت تقي الدين اوجاقي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پاڻ هلي سندن وٽ آيا

۽ سندن هٿ چمي ڪري عرض ڪيو: خدا جو قسم! منهنجي وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هو تہ توهان انهن مان ڪجهہ ڄاڻندا هوندا. مون کان اوهان جي متعلق جيڪو بہ ٿيو آهي، مهرباني ڪري اُن کي معاف فرمائيندا. (فهرس الفهارس، 1011/2، رقم: 575)

حضرت علامہ عبدالوهاب شعراني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: امام جلال الدين سيوطي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه پنهنجي زماني ۾ علمِ حديث ۽ اصولِ حديث کي سڀني کان وڌيڪ ڄاڻيندڙ هئا. (فهرس الفهارس، 1011/2، رقم: 575)

## جنتي هجڻ جي خوشخبري

شيخ عبدالقادر شاذلي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي استاد امام جلال الدين سيوطي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي باري ۾ فرمائن ٿا تہ انهن ٻڌايو: مونکي جاڳندي حالت ۾ رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ٿي تہ حضورِاڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مونکي **”اي شيخُ الحديث“** سڏي پڪاريو. مون عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا مان جنتي آهيان؟ ارشاد فرمايائو: ها. مون عرض ڪيو: ڇا بنا ڪنهن عذاب جي؟ ارشاد فرمايائون: تو لاءِ ائين ئي آهي. (الکواکب السائره، 229/1 )

## شيخُ الحديث جو لقب عطا ٿيو

امام جَلالُ الدين سُيُوطي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون کي خواب ۾ پياري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي تہ مون پنهنجي ڪتاب جَمۡعُ الۡجَوامِعۡ جو ذڪر ڪيو ۽ عرض ڪيو: يا رسول اللّٰه صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا مان هن ڪتاب مان ڪجهہ اوهان کي پڙهي ٻڌايان؟ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ٻڌايو! شَيۡخُ الۡحَدِيث...! امام سُيُوطي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جو مون کي شَيۡخُ الۡحَدِيث فرمائڻ اها اهڙي بشارت آهي

جيڪا منهنجي ويجهو دنيا ۾ جيڪو ڪجهه ان ۾ آهي، ان سيني کان وڌيڪ آهي. هڪ مقام تي پاڻ تحديثِ نعمت (يعني پنهنجي مٿان ٿيل الله پاڪ جي نعمت کي مشهور ڪرڻ) طور فرمايو: هن وقت اوپر کان وٺي اولهه تائين سڄي زمين تي ڪو شخص اهڙو ڪونهي، جيڪو حديث ۽ عربي زبان ۾ مون کان وڌيڪ علم رکندو هجي سواءِ حضرت خضر عَلَيْهِ السَّلَام ۽ ڪنهن قطب يا ولي الله جي. (محدثين عظام، حيات وخدمات، ص 605)

## جاڳندي واري حالت ۾ 75 پيرا رسول پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت

حضرت علامہ جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي هڪ شخص خط لکيو تہ سلطان قائتبائي وٽ منهنجي سفارش ڪيو تہ سندن ڪجهہ هن ريت ان کي جواب لکيو: اي منهنجا ياءُ! آءُ هن وقت تائين جاڳندي 75 پيرا رسول پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جو شرف حاصل ڪري چڪو آهيان. جيڪڏهن مون کي هيءُ خوف نہ هجي ها تہ حڪمرانن سان ملاقات سبب نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت کان محروم ٿي ويندس تہ مان اوهان جي سفارش لاءِ ضرور سلطان وٽ وڃان ها. مان هڪ خادمِ حديث آهيان، جن حديثن کي محدثين ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم پنهنجي تحقيق ۾ ضعيف قرار ڏنو آهي، انهن جي تصحيح لاءِ مان حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مدد جو محتاج آهيان ۽ بيشڪ ان جو فائدو توهان جي ذاتي فائدي کان وڌيڪ اهم آهي. (ميزان الڪبري للشعراني، ص 55)

## روزانو ديدار مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پيرِ طريقت حضرت نور محمد مهاروي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي محفل ۾ حضرت علامہ جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪتابن جو ذڪر ٿي

رهيو هو تہ پاڻ رَحْمَةُ الله عَلَيه فرمايو: انهن کي هر روز جاڳندي ۾ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ٿيندي هئي. هو فجر جي نماز کان پوءِ تنهائي (اڪيلائي) کان ان وقت تائين ٻاهر نہ ايندا هئا جيستائين انهن کي اها سعادت حاصل نہ ٿي ويندي هئي، پوءِ فرمايائون: هاڻي بہ اهڙا ماڻهو موجود آهن پر ڪجهہ ماڻهو بغير ڪنهن سبب جي اهڙن واقعن جو انڪار ڪري ڇڏيندا آهن. (خلاصه الفوائد، ص 52 ملخصاً)

## استادَ ۽ شاگردَ

حضرت ابوالفضل امام عبدالرحمٰن بن ابوبڪر سُيُوطي شافعي رَحْمَةُ الله عَلَيه پنهنجي استادن جي تعداد جي باري ۾ لکن ٿا تہ جن کان مون پڙهيو ۽ جن مون کي سند جي اجازت ڏني، ۽ جن مون کي هڪ شعر بہ سيکاريو، انهن جي تقريباً تعداد 600 آهي، جڏهن تہ خاص شيوخ (يعني استاد) 150 آهن. (التحدث بنعمة الله ، ص43) سندن شاگردن جي تعداد بہ تمام گهڻي آهي. سيرتِ مصطفىٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي مشهور عربي ڪتاب ”سُبُلُ الْهُدٰى وَالرَّشاد“ لکڻ وارا حافظ الحديث محمد بن يوسف شامي صالحي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بہ سندن جا شاگرد هئا.

## تدريسي خدمتون

867 هجري ۾ حضرت علامہ جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ الله عَلَيه پنهنجي والد محترم جي جاءِ تي شيخونيہ مدرسي ۾ فقہ جا استاد مقرر ٿيا. 871 هجري ۾ سندن فتاويٰ لکڻ شروع ڪيا. ڏسندي ئي ڏسندي سندن فتاويٰ اوير ۽ اولهہ، عرب ۽ عجم ۾ مشهور ٿي ويا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تحديثِ نعمت (يعني پنهنجي مٿان ٿيڻ واري الله پاڪ جي نعمت کي مشهور ڪرڻ جي نيت سان) فرمائن ٿا: مون ايترا فتاويٰ ڏنا آهن جو انهن جي صحيح تعداد الله پاڪ ئي ڄاڻي ٿو. جن

مسئلن ۾ منهنجي زماني جي عالمن مون سان اختلاف ڪيو، مون انهن مان هر مسئلي تي الڳ الڳ ڪتاب لکيا، جيڪي 50 ڪان وڌيڪ آهن، ۽ هن وقت منهنجا فتاویٰ ٽي جلدن ۾ آهن. (الامام الحافظ جلال الدين سيوطي وجهوده في الحديث وعلومه، ص 161، 163)

872 هجري ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللہ عليه جامع طُولُوني ۾ حديث شريف جو املا ڪرائڻ (يعني لکرائڻ) شروع ڪيو جتي پاڻ رَحْمَةُ اللہ عليه کان پهريان حافظ الحديث امام ابن حجر عسقلاني رَحْمَةُ اللہ عليه حديث پاڪ لکرائيندا هئا سندن وصال شريف کانپوءِ 20 سال تائين اهو سلسلو بند رهيو. جيڪو امام جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللہ عليه ٻيهر شروع ڪيو. 877 هجري ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللہ عليه شيخونيه مدرسي ۾ شيخ الحديث جي منصب تي فائز ٿيا. (التحدث بنعمۃالله ، ص88 تا 90)

## پهرين تصنيف

حضرت امام جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللہ عليه 17 سالن جي عمر ۾ ڪتاب لکڻ جو آغاز فرمايو، ۽ سندن پهريون ڪتاب "شَرۡحُ الۡاِسۡتِعَاذَةِ وَالۡبَسۡمَلَة" هو. سندن استاد حضرت شيخ عِلَمُ الدين بلقيني رَحْمَةُ اللہ عليه هن ڪتاب کي ڏٺو تہ پسند فرمايو ۽ اُن تي تقريظ (يعني ان ڪتاب تي پنهنجي راءِ) بہ لکي. پاڻ رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه جا اڪثر ڪتاب سندن حياتيءَ ۾ ئي عرب، شام، روم، هند، يمن ۽ مغربي ملڪن ۾ مشهور ٿي چڪا هئا، بلڪ ان جي باري ۾ هڪ ايمان اَفروز خواب ڏٺو ويو.

## مقبوليت جي خوشخبري

پاڻ رَحْمَةُ اللہ عليه جي هڪ شاگرد خواب ڏٺو ۽ حضرت شيخ صالح محبُّ الدين رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه سان بيان ڪيو تہ انهن هيءَ تعبير ارشاد فرمائي: امام جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللہ عليه جو علم سندن حياتيءَ ۾ ئي اوير ۽

اولهہ ۾ ڦهلجي ويندو. (التحدث بنعمة الله، ص 155)

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ڪتاب لکڻ جي رفتار تمام تيز هئي، سندن شاگرد علامہ شمس الدين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بيان ڪن ٿا: مون استاد محترم کي ڏٺو آهي تہ سندن هڪ ڏينهن ۾ ٽي ٽي ڪاپيون لکندا هئا، ان سان گڏ حديث شريف بہ لکرائيندا ۽ سوالن جا جواب بہ ارشاد فرمائيندا هئا.

(الكواكب السائره، 228/1)

امام عبدالوهاب شعراني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪڏهن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ڪا ڪرامت نہ بہ هجي ها تہ تقدير تي ايمان رکڻ واري جي لاءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا ايتري اهم ۽ نازڪ موضوعن تي لکيل وڏا وڏا ڪتاب ئي سندن عظمت ۽ شان تي گواهہ آهن. (جامع كراماتِ اولياء، 197/2)

امام جلال الدين سيوطي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پاڻ تحديثِ نعمت (يعني پنهنجو پاڻ تي ٿيڻ واري الله پاڪ جي نعمت کي مشهور ڪرڻ) جي طور تي پنهنجي 18 ڪتابن جي باري ۾ فرمائن ٿا: منهنجي علم موجب، انهن جهڙا ڪتاب دنيا ۾ ڪنهن بہ نہ لکيا آهن ۽ موجوده دور ۾ بہ ڪونہ ٿو لکي سگهي. (التحدث بنعمة الله، ص 105)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”امام جلال الدين“ جي 13 اَکرن جي نسبت سان 13 ڪتابن جا نالا

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي باري ۾ 600 ڪتاب لکڻ جو قول ملي ٿو، سندن سوين ڪتابن مان رڳو 13 ڪتابن جا نالا برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ

پيش ڪيا وڃن ٿا: (1) اَلْاِتْقَانُ فِيْ عُلُوْمِ الْقُرْاٰن، (2) اَلدُّرُّ الْمَنْثُوْرُ فِي التَّفْسِيْرِ الْمَاْثُوْرِ، (3) حَاشِيَةٌ عَلٰی تَفْسِيْرِ الْبَيْضَاوِی، (4) اَلدِّيْبَاجُ عَلٰی صَحِيْحِ مُسْلِمِ بْنِ الْحَجَّاجِ، (5) مِرْقَاةُ الصَّعُوْدِ اِلٰی سُنَنِ اَبِی دَاوٗدَ، (6) شَرْحُ اِبْنِ مَاجَهْ، (7) تَدْرِيْبُ الرَّاوِیْ فِیْ شَرْحِ تَقْرِيْبُ النَّوَوِیْ، (8) اَللَّآلِی الْمَصْنُوْعَةُ فِی الْاَحَادِيْثِ الْمَوْضُوْعَةِ، (9) شَرْحُ الصُّدُوْرِ بِشَرْحِ حَالِ الْمَوْتٰی وَالْقُبُوْرِ، (10) فَضْلُ مَوتِ الْاَوْلَادِ، (11) خَصَائِصُ يَوْمِ الْجُمُعَةِ، (12) اَلطِّبُّ النَّبَوِیّ، (13) اَخْبَارُ الْمَلَائِكَةِ۔

## نيڪيءَ جي اظهار جي اجازت ڪڏهن آهي؟

اي عاشقانِ رسول! نيڪ ڪم ڪرڻ کان پوءِ ماڻهن جي سامهون پنهنجي مٿان الله پاڪ جي ان نعمت کي مشهور ڪرڻ جي طور تي بيان ڪرڻ کي "**تحديثِ نعمت**" چئبو آهي. شريعت ۾ ان باري ۾ حڪم اهو آهي ته جنهن شخص (عالم دين يا بزرگ) کي ماڻهو Follow (يعني ان جي پيروي) ڪندا هجن، ان جي لاءِ ماڻهن تي پنهنجون نيڪيون ظاهر ڪرڻ افضل آهي، ته جيئن ماڻهو انهن جي سيرت تي عمل ڪن ۽ جيڪڏهن ماڻهن کان پنهنجي تعريف ڪرائڻ جو ارادو هجي ته اهو گناهه آهي. (حديقه نديه، 374/2 مفهومًا)

امامِ اهل سنت، اعلیٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خود ستائي(يعني پاڻ پنهنجي تعريف ڪرڻ) جائز ناهي، پر ضرورت جي وقت حقيقت ظاهر ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي تعريف ڪرڻ جي اجازت آهي. (ملفوظاتِ اعلی حضرت، صفحو 141 تسهيلاً)

## ڪير پنهنجي واتان پنهنجي تعريف ڪري سگهي ٿو؟

بزرگانِ دين ۽ علماءِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جو پنهنجي نيڪ عمل کي تحديثِ نعمت جي طور تي ظاهر ڪرڻ رياڪاري ناهي، بلڪ انهن

جي لاءِ ثواب جو ڪم آهي. ڇو تہ انهن جي نيڪ عمل کي ٻڌي ڪري، انهن جا چاهيندڙ ان تي عمل ڪندا تہ انهن کي بہ ان عمل جو ثواب ملندو. پر هر ڪنهن کي پنهنجو عمل ظاهر ڪرڻ وقت هڪ سئو هڪ (101) دفعا پنهنجي دل جي ڪيفيت تي غور ڪرڻ گهرجي، ڇوتہ شيطان وڏو ڌوڪيباز آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اسان جهڙن ڪمزور ماڻهن کي اهو هي لفظ چئي پنهنجو نيڪ عمل ٻين تي ظاهر ڪرڻ تي آماده ڪري ۽ رياڪاري ۾ مبتلا ڪري ڇڏي. مثال طور دل ۾ وسوسو وجهي تہ ماڻهن کي چئو: ”مان تہ فقط تحديثِ نعمت لاءِ پنهنجو عمل ٻڌائي رهيو آهيان.“ جڏهن تہ دل ۾ خوشي محسوس ٿي رهي هجي تہ هن طرح ٻڌائڻ سان ماڻهن جي دلين ۾ منهنجي عزت وڌي ويندي. هي يقيناً رياڪاري آهي ۽ گڏوگڏ تحديثِ نعمت جو ڇوڻ، تمام وڏي رياڪاري ۽ گڏوگڏ ڪوڙ جي گناهہ جي تباهہ ڪاري بہ آهي. وڌيڪ تفصيل لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”رياڪاري“ جا (166 صفحا) پڙهو.

ياربّ مصطفيٰ! اسان کي اخلاص سان عبادت ڪرڻ جي سعادت عطا فرماءِ ۽ اسان کي شيطان جي اهڙن حيلن ۽ بهانن جي سڃاڻپ عطا ڪر جن جي ذريعي هو اسان جا اعمال برباد ڪري ڇڏيندو آهي.

اٰمين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صلّی اللهُ عليهِ واٰلهٖ وسلّم

مرا ہر عمل بس تِرے واسطے ہو          کر اخلاص ایسا عطا یاالٰہی

(وسائلِ بخشش، ص105)

## مجتهد ۽ مجدد هجڻ جو بيان

امام جلال الدين سُيوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ ڪتاب ”اَلتَّحَدُّث بِنِعْمَةِ الله“ لکيو آهي، جنهن ۾ پاڻ پنهنجي مٿان ٿيڻ وارين الله پاڪ جي

عنايتن ۽ فضل ۽ ڪرم جو بيان ڪيو آهي. پاڻ رَحمَةُ الله عَلَيه ان ڪتاب ۾ فرمائن ٿا: مان اجتهاد جي مرتبي تي پهچڻ جي باوجود فتويٰ ڏيڻ ۾ امام شافعي رَحمَةُ الله عَلَيه جي مذهب کان ٻاهر نه نڪتس ۽ مون پنهنجي اجتهاد (يعني مجتهد هجڻ) جو دعويٰ فخريه طور نه ڪيو، بلڪ تحديثِ نعمت ۽ شڪرِ الٰهي لاءِ ڪيو آهي. (التحدث بنعمة الله، ص90، حسن المحاضرة، 290/1 ماخوذاً) هڪ هنڌ پاڻ رَحمَةُ الله عَلَيه ائين به ارشاد فرمايائون ته الله پاڪ جي فضل سان مون کي پڪو يقين آهي ته هو مون کي هن نائين صدي جو مجدد بڻائيندو. (التحدث بنعمة الله، ص227)

امام جلال الدين سيوطي شافعي رَحمَةُ الله عَلَيه جي تجديدي ڪارنامن ۽ تمام وڏين ديني ۽ علمي خدمتن جي ڪري سندن کان بعد اچڻ وارن علماءِ ڪرام مثلاً حضرت علامه علي قاري، اعلیٰ حضرت امام احمد رضا خان ۽ علامه عبد الحي لکنوي رَحمَةُ الله عَلَيهم کين نائين صدي جو مجدد قرار ڏنو. (مرقاة، 507/1، حاشيه اعلی حضرت علي المقاصد الحسنه، ص2، التعليق المجد علي موطا محمد، 102/1)

## مصيبتن ۽ تڪليفن تي صبر

اوليا ڪرام رَحمَةُ الله عَلَيهم جي سيرت جو مطالعو ڪيون ته هڪ شيءِ انهن جي مبارڪ زندگيءَ ۾ وڏي ظاهر طور تي نظر ايندي آهي ۽ اها آهي ايندڙ مصيبتن ۽ آفتن تي صبر ڪرڻ ۽ راضي رهڻ. حضرت امام جلال الدين سيوطي شافعي رَحمَةُ الله عَلَيه جي سيرت ۾ به هي وصف نمايان نظر اچي ٿو. پاڻ رَحمَةُ الله عَلَيه کي مخالفن ۽ حاسدن جي طرفان به ڪوڙ تڪليفون پهتيون پر پاڻ رَحمَةُ الله عَلَيه صبر ۽ رضا جو دامن نه ڇڏيو ۽ پنهنجن مخالفن ۽ حاسدين(ساڙ ڪرڻ وارن) کي بُرو ڀلو نه چيو. پاڻ رَحمَةُ الله عَلَيه جا شاگرد علامه عبدالقادر شاذلي رَحمَةُ الله عَلَيه فرمائن ٿا: اسان جي شيخ گهڻيون تڪليفون سَنيون پر ان جي باوجود ڪڏهن به مون اُنهن کي تڪليف ڏيندڙ حاسدن(ساڙ ڪرڻ

وارن) لاءِ بد دعا ڪندي، يا بُرو پلو چوندي نہ ٻڌو، بلڪ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه هيئن چوندا هئا: "حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْل" يعني اسان جي لاءِ اللّٰه پاڪ ئي ڪافي آهي ۽ هو ڪهڙو نہ سنو ڪار ساز(ڪم ٺاهيندڙ) آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪجهہ ماڻهو منهنجي دشمني ۾ مون کي تڪليف ڏيڻ لاءِ پنيان پئجي ويا هئا، مان انهن کي اللّٰه پاڪ جي نعمت شمار ڪريان ٿو تہ جيئن مون کي بہ انبياء ۽ مرسلين عَلَيهِمِ السَّلَام جي مبارڪ طريقي تي هلڻ (يعني مصيبتن تي صبر ڪرڻ وغيره) مان ڪجهہ حصو ملي. (الامام الحافظ جلال الدين سيوطى وجهوده فى الحديث وعلومہ ، ص90)

## مُخالفين کي مُعاف ڪري ڇڏيو

امام عَبدُالوَهّاب شعراني رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ مون کي شيخ شعيب رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه ٻڌايو تہ مون امام جلال الدين سُيوطي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جي انتقال شريف جي وقت سندن خدمت ۾ حاضر ٿيڻ واري مخالفن ۽ حاسدن کي معاف ڪرڻ جي متعلق پڇيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه ارشاد فرمايائون: منهنجا ڀاءُ! مون تہ انهن کي انهيءَ وقت معاف ڪري ڇڏيو هو جڏهن انهن منهنجي حق تلفي ڪئي هئي. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه وفات جي وقت سندن وٽ موجود ماڻهن کي ارشاد فرمايو: ”گواهہ ٿي وڃو! مون انهن سڀني کي معاف ڪري ڇڏيو جن جي متعلق مون کي هيءَ خبر ملي آهي تہ اهي منهنجي عزت جي پويان پيل آهن، البت مان انهن ماڻهن کي زجراً (يعني ڇڙٻ طور) معاف نہ ٿو ڪريان جن عالمن جي عزت تي هٿ وڌو آهي. (الامام الحافظ جلال الدين سيوطى وجهوده فى الحديث وعلومہ ، ص88۔جامع كرامات اولياء،2/ 196مفهوماً)

## بي ادب ماڻهن جو بُرو انجام

امام علامہ جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْهجن ڏينهن ۾ خانقاه بِيبَرسِيه ۾ شِيخُ الصوفيه جي منصب تي هئا، اتي ماڻهن کي وقف جي مال

۾ غير شرعي ڪم ڪندي ڏٺائون ته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه انهن کي نيڪي جي دعوت ڏيندي انهن کمن کان روڪيو. انهن بدنصيبن سمجهڻ ۽ شڪريو ادا ڪرڻ بجاءِ معاذ الله سندن تي حملو ڪيو ۽ ڪين ماريو. امام شعراني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: امام علامه جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي معاف ڪرڻ باوجود، انهن ماڻهن تي ولي الله جي بي ادبي ۽ توهين جي هي نحوست ظاهر ٿي جو اهي ماڻهن جي نظرن ۾ نفرت جي قابل ٿي ويا. انهن کي پنهنجي علم مان فائدو حاصل ڪرڻ نصيب نه ٿيو، ڪجهه حرام کائڻ ۾ مبتلا ٿي ويا ۽ ڪجهه عالمن ۽ ولين (رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم) جي ترديد(انڪار ڪرڻ) جهڙن بُرن ڪمن ۾ پئجي ويا ۽ انهن تي بدبختي جا نشان ظاهر ٿي ويا. مون انهن مان هڪ شخص (جنهن پاڻ اقرار ڪيو ته مون معاذ الله پنهنجي چپل شيخ جي ڪلهي تي هنئي هئي) کي ان حال ۾ ڏٺو ته غربت جي ڪري نفساني خواهشن ۾ مبتلا ٿي، حرام کائڻ ۾ مشغول آهي. جڏهن اهو فوت ٿيو ته ڪير به ان جي جنازي سان گڏ نه ويو. (الرسالة القشيرية، ص274 )

## مستقبل جون خبرون

امام جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ پيري ڪجهه ماڻهن جي سامهون فرمايو: ”سلطانِ مصر جان بلاط کان بعد فلاڻو شخص سلطنت جو والي ٿيندو.“ مصر ۾ اها ڳالهه ڦهلجي وئي، ايستائين جو سندن اها پيشنگوئي پوري ٿي. (جامع كرامات اولياء ، 157/2 ملخصاً)

تمہارے منہ سے جو نکلی وہ بات ہو کے رہی　　　کہا جو دن کو کہ شب ہے تو رات ہو کے رہی

## غمن جي انتها

پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي پنهنجن سمورن گهر وارن جي وفات جو غم برداشت ڪيو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: منهنجي

اڪثر ياڻرن ۽ پٽن ڏيئرن جي شهادت ٿي، ڪجھ طاعون ۾، ڪجھ نفاس ۾، ۽ ڪجھ ذات الجنب (نمونيا) جي بيماريءَ سبب ۽ مون کي بہ الله پاڪ جي فضل سان شهادت جي اميد آهي. (التحدث بنعمة الله، ص10) الله پاڪ کان اميد جي برڪت ظاهر ٿي ۽ سندن کي بہ شهادت نصيب ٿي. اهو ايئن تہ وفات کان پهريان سندن کاٻو هٿ سُجي ويو ۽ پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيهِ ستن ڏينهن تائين انهيءَ بيماريءَ ۾ رهي ڪري رحلت فرمائي ويا. (شذرات الذهب، ص78)

حديث پاڪ ۾ آهي: ”مَنْ مَاتَ مَرِيْضًا مَاتَ شَهِيْدًا“ يعني جيڪو بيماريءَ جي حالت ۾ فوت ٿيو، اُهو شهيد آهي. (ابن ماجه، 277/2، حديث: 1615)

## مال ۽ دولت کان بي نيازي

وفات شريف کان ڪجھ وقت پهريان امام جلال الدين سيوطي رَحمَةُ اللهِ عَلَيهِ درس ۽ تدريس ۽ فتويٰ ڏيڻ ڇڏي ڏنو ۽ آخري وقت تنهائي ۾ عبادت، رياضت ۽ ڪتاب لکڻ ۾ گذاريو. ان دوران حڪمران سندن زيارت لاءِ ايندا هئا ۽ قيمتي تحفا پيش ڪندا هئا، پر پاڻ قبول نہ ڪندا هئا. هڪ ڀيري سلطان اشرف غوري سندن خدمت ۾ هڪ غلام ۽ هڪ هزار دينار (سون جا سڪا) موڪليا. پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيهِ دينار واپس ڪري ڇڏيا ۽ غلام کي آزاد ڪري روضۂ رسول جو خادم بڻائي ڇڏيو. پوءِ پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيهِ پيغام ڏيڻ واري جي ذريعي سلطان کي پيغام موڪليو تہ آئنده ڪو تحفو اسان وٽ نہ اچي. الله پاڪ اسان کي انهن تحفن کان مستغني (بي نياز) ڪري ڇڏيو آهي.

(الكواكب السائرة، 229/1)

## وفات شريف

پيڪرِ علم و عمل حضرت ابوالفضل امام عبدالرحمٰن بن ابو بڪر

سُيُوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ستن ڏينهن تائين ڪابي هٿ جي سُوڄ ۾ مبتلا رهي ڪري جمعي جي ڏينهن 19 جمادي الأُولىٰ 911 هجري مطابق 17 آڪٽوبر 1505ع تي درياءِ نيل جي ڪناري واقع رَوْضَةُ الْمِقْيَاس ۾ وفات ڪئي ۽ سندن تدفين قاهره ۾ بابِ قَرافه جي ويجهو ڪئي وئي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي قميص مبارڪ ۽ پيالو شريف غسل ڏيندڙ (وارثن جي اجازت سان)ورتو، پوءِ ان ڪان ڪنهن برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ پنج دينار ۾ اها قميص خريد ڪئي ۽ هڪ ٻئي شخص ٽي دينار ۾ پيالو خريد ڪيو. (الكواكب السائرة، 231/1، الامام الحافظ جلال الدين سيوطي وجهوده في الحديث وعلومه، ص82)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## بزرگن جي استعمال ڪيل شين سان برڪت حاصل ڪرڻ

انبيا ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ۽ اوليا ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم سان نسبت رکندڙ شين سان برڪت حاصل ڪرڻ صدين ڪان مسلمانن جو طريقو رهيو آهي. صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نسبت رکندڙ شين کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ انهن سان پنهنجن مريضن جو علاج ڪندا هئا، جيئن مقامِ حديبيہ تي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجا مبارڪ وار ڪترائي هڪ سائي وڻ تي رکي ڇڏيا. سيئي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان انهيءَ وڻ جي هيٺان گڏ ٿي ويا هڪ ٻئي ڪان وار مبارڪ وٺڻ لڳا. صحابيہ حضرت اُمِّ عماره رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: مون بہ ڪجهه وار مبارڪ حاصل ڪيا. نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري وصال مبارڪ ڪان پوءِ جڏهن ڪو بيمار ٿيندو هو تہ مان انهن مبارڪ وارن کي پاڻي ۾ ٻوڙي مريض کي

پاڻي پياريندي هيس، جنهن سان الله پاڪ مريض کي شفا عطا فرمائيندو هو. (مدارج النبوت،217/2)

سُوکھے دھانوں پہ ہمارے بھی کرم ہو جائے ۔۔۔ چھائے رحمت کی گھٹا بن کے تمھارے گیسو

(حدائقِ بخشش،ص120)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! ۔۔۔ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تعريفي ڪلمات

امام جلال الدين سيوطي شافعي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه جي شاندار علمي ڪارنامن سبب دنيا اڄ تائين انهن کي ياد رکندي پئي اچي. تقريباً پنج سئو سال گذري وڃڻ باوجود عالم ڪورس (درسِ نظامي) ۾ اجا تائين سندن لکيل ڪجھ ڪتاب پڙهايا ويندا آهن. ايتروئي نہ بلڪ صدين کان علماءِ ڪرام سندن علمي ڪمن کي ساراهيندا ۽ سندن تعريف بيان ڪندا آيا آهن، جيئن تہ:

(1) پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا استادِ محترم قاضيُ القضاة، علمُ الدّين بلقيني رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه پنهنجي قابل ترين شاگرد امام جلال الدين سيوطي رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه جا طالبِ علمي جي زماني ۾ لکيل ہہ ڪتاب ڏسي ڪجھ هن طرح تعريف ڪئي: ”مون انهن ٻنهي ڪتابن ۾ گهڻا فائدا ڏٺا آهن، انهن کي سٺين ڳالهين ۽ سهڻن لفظن سان لکيو ويو آهي، حقيقت هي آهي تہ اهي ٻئي ڪتاب سندن فضيلت کي ظاهر ڪري رهيا آهن. الله پاڪ ڪتاب لکڻ واري جي ڪوشش قبول فرمائي.

(التحدث بنعمة الله، ص 137)

(2) **امام نجمُ الدّين محمد بن محمد غزي شافعي** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: امام جلال الدين سيوطي شافعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وڏا عالم، امام، محقق،

حافظِ حديث ۽ شيخ الاسلام آهن ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ جا ڪتابَ وڏو فائدو ڏيڻ وارا آهن. (الكواكب السائرة، 227/1 ملتقطاً)

**(3) شيخُ الصوفياء علامہ عبدالقادر عَيدرُوس هندي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ فرمائن ٿا: امام جلال الدين سيوطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ صاحبِ ڪرامت بزرگ آهن. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِ جي وصال شريف ڪان بعد سندن ڪيئي ڪرامتون ظاهر ٿيون، الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي. (النور السافر، ص 91)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net